سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# عُلماءِ ڪرام جا

# 3 حق

11 سيپٽمبر 2025



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ **(3):** فڪرِ مدينہ: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ **عُلماءِ ڪرام جا 3 حق** جي باري ۾ مفيد معلومات فراهم ڪئي ويندي ۽ **بيت الخلاء مان ٻاهر نڪرڻ وقت پڙهڻ واري دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَاللّٰہُ الْكَرِيم!

# دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو، قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس.(1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# عُلماءِ ڪرام جا 3 حق

## آيت مبارڪ

قُلْ هَلْ یَسْتَوِی الَّذِیْنَ یَعْلَمُوْنَ وَ الَّذِیْنَ لَا یَعْلَمُوْنَؕ

(پارو: 23، سورة الزمر: 9)

ترجمو ڪنزالعرفان: اوهان فرمايو ڇا علم وارا ۽ بي علم برابر آهن؟

يعني غير عالِم ڪنهن بہ طرح عالِمِ دين جي مرتبي کي نہ ٿو پهچي سگهي.(2) ۞ عالِم دين جي فضيلت عابد تي ائين آهي جيئن چوڏهينءَ رات جي

1...جمع الجوامع، جلد:7، صفحہ:199، حديث:22352۔
2...فيضان علم وعلما، صفحہ:11 بتغير قليل۔

چنڊ جي سيني سِتارن تي.[1] ۞ قيامت جي ڏينهن عُلماءِ دين جي قلمن جي مَسُ ۽ شهيدن جي رت کي توريو ويندو تہ مس رت تي غالب اچي ويندي. [2] ۞ عُلماءِ دين نبين جا وارث آهن. [3] ۞ قيامت جي ڏينهن عُلَماءِ دين يعني دين جا عالم شفاعت ڪندا. [4]

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جيڪو اسان جي عالمن جو حق نہ سڃاڻي، اُهو اسان مان نہ آهي (يعني اسان جي طريقي تي نہ آهي). [5]

## عُلماءِ ڪرام جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرو! علماءِ ڪرام جا اسان تي ڪيترائي حق آهن، جن مان **3** حق اسان اڄ سکنداسين:

### پهريون حق: تعظيم ۽ احترام ڪرڻ

**وضاحت :** رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عُلَماء جي تعظيم ڪريو ...! ڇاڪاڻ تہ عُلَماء انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا وارث آهن. جنهن عالمن جي تعظيم ڪئي (عزت ۽ احترام) ڪيو، تنهن اللّٰہ ۽ ان جي رسول جي تعظيم ڪئي. [6] اعليٰ حضرت رَحمةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عالِمِ دين، سُني، صحيح العقيده، جيڪو ماڻهن کي حق ڏانهن سڏي ۽ حق جي ڳالهہ ٻڌائي، اُهو محمد رسول اللّٰہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو نائب آهي. ان جي تحقير ڪرڻ، مَعَاذَ اللّٰه! محمد رسول اللّٰہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي تحقير ڪرڻ آهي ۽ محمد رسول اللّٰہ صَلَّى اللّٰهُ

1…ابنِ ماجہ، باب فضل العلماء والحث علی طلب العلم، صفحہ:49، حدیث:223۔
2…تاریخ بغداد، محمد بن حسن، جلد:2، صفحہ:190، حدیث:618۔
3…ابنِ ماجہ، باب فضل العلماء والحث علی طلب العلم، صفحہ:49، حدیث:223۔
4…شعب الایمان، باب فی طلب العلم، جلد:2، صفحہ:268، حدیث:1717، ماخوذاً۔
5…الجامع الصغیر، حدیث:7694۔
6…الجامع الصغیر، حدیث:1428۔

عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي جناب ۾ گستاخي الله پاڪ جي لعنت ۽ دردناڪ عذاب جو سبب آهي. [1] ۞ جيڪڏهن عالِم کي ان ڪري برو چوي ٿو تہ هُو عالِم آهي، تہ پوءِ اُهو صريح ڪافر آهي (ڇو تہ هُو عالِم کي نہ پر عِلمِ دين کي برو سمجهي رهيو آهي ۽ عِلمِ دين ڇا آهي؟ قرآن ۽ سنت جو علم) ۞ عالِمِ دين جي بطور عالِمِ دين توهين نہ ٿو ڪري، بلڪ عِلمِ دين جي ڪري ان جي تعظيم کي فرض ٿو سمجهي، پر پنهنجي ڪنهن دُنيوي دشمني جي سبب عالِمِ دين کي گاريون ڏِئي يا ان جي توهين ڪري، تہ اهو سخت فاسق ۽ فاجر آهي ۞ ۽ جيڪڏهن بنا ڪنهن سبب جي عالِمِ دين سان بغض رکي تہ اهو مَرِيْضُ الْقَلْبِ وَخَبِيْثُ الْبَاطِن (يعني دل جو مريض ۽ خبيث باطن وارو) آهي. بزرگانِ دين فرمائن ٿا: مَنْ اَبْغَضَ عَالِمًا مِّنْ غَيْرِ سَبَبٍ ظَاهِرٍ خِيْفَ عَلَيْهِ الْكُفْر يعني جيڪو بغير ڪنهن ظاهري سبب جي عالِمِ دين سان بغض رکي، ان تي ڪفر جو خوف آهي. [2] ۞ عوام کي عُلَماءِ دين کان بدظن ڪرڻ تمام سخت گناهہ آهي. [3]

**عُلَماء جي تعظيم جا ڪجهہ مثال:** ۞ عُلَماءِ ڪرام جي اڳيان نہ هلڻ ۞ انتهائي ادب ۽ احترام سان ساڻن گفتگو ڪرڻ، بدتميزي کان بچڻ ۞ عُلَماءِ ڪرام جي ڳالهہ کي اڌ ۾ نہ ڪٽڻ ۞ مسئلو پڇڻ جي لاءِ مناسب وقت ۽ سٺن لفظن جي چُونڊ ڪرڻ ۞ انهن جون نصيحتون قبول ڪرڻ ۞ سندن خدمت ڪرڻ ۞ انهن جي خلاف دل ۾ ڪا بہ ڳالهہ نہ آڻڻ ۞ انهن جي لاءِ چڱا لفظ استعمال ڪرڻ وغيرهہ وغيرهہ.

## ٻيون حق: عُلَماءِ ڪرام ڏانهن رجوع ڪرڻ

**وضاحت:** اسان تي لازم آهي تہ ديني مسئلن ۽ معاملن جي رهنمائيءَ لاءِ عُلَماءِ ڪرام جي خدمت ۾ حاضر ٿيون ۽ انهن کان مسئلا سکون. الله پاڪ فرمائي ٿو:

---

1... فتاویٰ رضویہ، جلد:23، صفحہ:649۔
2... فتاویٰ رضویہ، جلد:21، صفحہ:129بتغیر قلیل۔
3... فتاویٰ امجدیہ، جلد:4، صفحہ:515۔

فَسْـَٔلُوْۤا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۴۳﴾
(پارو: 14، سورة النحل: 43)

ترجمو کنز العرفان: اي انسانو! جيڪڏهن توهان نہ ٿا ڄاڻو تہ علم وارن کان پڇو.

معلوم ٿيو تہ جنهن مسئلي جي باري ۾ ڄاڻ نہ هجي، ان بابت عُلَماءِ ڪِرام ڏانهن رجوع ڪرڻ ضروري آهي. تنهنڪري ڪو بہ مسئلو پيش اچي يا ڪوئي وسوسو دل ۾ کُٽڪي تہ سني صحيح العقيده عالمِ دين کان ان بابت پڇا ڪئي وڃي.

**نوٽ:** پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ **دار الافتاء اهلسنت** سان رابطو ڪريو!

## ٽيون حق: عُلَماءِ ڪِرام جي اطاعت ڪرڻ

**وضاحت:** الله پاڪ فرمائي ٿو:

يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا أَطِيعُوا اللهَ وَأَطِيعُوا الرَّسُولَ وَأُولِي الْأَمْرِ مِنْكُمْ
(پارو: 5، سورة النساء: 59)

ترجمو کنز العرفان: اي ايمان وارو! الله جي اطاعت ڪريو ۽ رسول جي اطاعت ڪريو ۽ انهن جي جيڪي توهان منجهان حڪومت وارا آهن.

هتي أُولِي الامر مان مراد عُلَماءِ ڪرام آهن. [1] جيئن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت الله پاڪ جي اطاعت آهي، تيئن ئي عالمِ دين جي فرمانبرداري رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري آهي. [2]

## دهرائي

**اڄ اسان عُلَماءِ ڪِرام جا 3 حق سکيا آهن، ذهن نشين ڪري وٺو!**

1…فتاوی رضویہ، جلد:6، صفحہ:517۔

2…نور العرفان، پارہ:5، سورۃ النساء، تحت الآیت:59، صفحہ:138۔

**(1):** عُلَماءِ کِرام جي تعظيم ۽ احترام ڪرڻ **(2):** انهن ڏانهن رجوع ڪرڻ **(3):** انهن جي اطاعت ڪرڻ.

# سڪڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

## بيت الخلاء کان ٻاهر نڪرڻ وقت پڙهڻ واري دعا:

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِیۡۤ اَذۡهَبَ عَنِّی الۡاَذٰی وَعَافَانِیۡ

**ترجمو:** اللّٰه پاڪ جو شڪر آهي جنهن مون کان تڪليف دور ڪئي ۽ مون کي عافيت عطا ڪئي.[1]

# اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

## روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوۡرَۃُ الۡمُلۡك پڙهي يا ٻڌي؟

**(5):** هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيحِ فاطمه ۽ سُوۡرَۃُ الۡاِخلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نظري کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ٻين جي

[1] ...مدنی پنج سورہ: صفحہ: 204۔

گھرن ۾ جھاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گھر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ **(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهه ڪئي؟ **(29):** سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ **(30):** مسلمانن کي سلام ڪيو؟ **(31):** سنتن تي ڪجھ نہ ڪجھ عمل ڪيو؟ **(32):** ظهر جون چار قَبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ **(33):** تهجد يا صلوٰۃاللَّيل ادا ڪئي؟ **(34):** اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ **(36):** 12 ديني ڪمن مان گھٽ ۾ گھٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** ٻين کان گھري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال تہ نہ ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ **(39):** ڪجھ نہ ڪجھ وقت"مدني چينل" ڏٺو؟ **(40):** ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ **(41):** وقت تي قرض ادا ڪيو؟ **(42):** عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ **(43):** صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ **(45):** فجر جي نمازکان بعد واري مدني حلقي ۾شرڪت ڪئي؟ **(46):** ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ **(47):** چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ **(48):** اسراف کان بچيؤ؟ **(49):** ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ **(50):** تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ **(51):** زبان جي گناهن کان بچيا؟ **(52):** فضول گفتگو کان بچيا؟ **(53):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(54):** عمامو شريف ٻَڌو؟ **(55):** پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون

جُهڪائي گفتگو 12 پيرا.

# هفتيوار 9 نيڪ اعمال

(57): اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ (58): هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ (59): هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60): يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61): مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62): هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ (63): هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64): علاقائي دورو ڪيو (65): پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟